ايم. ايڇ. پنهور

# دنيا جو قديم ترين ۽ وسيع ترين قلعو: راڻي ڪوٽ

## (ان جو بنياد اهڙي غير معمولي جاءِ تي ڇو رکيو ويو؟)

راڻي ڪوٽ تي پهريون پيرو هڪ تفصيلي مضمون ڪرنل رشيد لکيو، جيڪو "اقبال رويو" جي فيبروري 1965ع واري پرچي ۾ ڇپيو هو. جنوري 1965ع ۾ ڪرنل رشيد جڏهن راڻي ڪوٽ ڏسڻ هليو، تڏهن آءٌ، جناب حسام الدين راشدي، جناب محمد ابراهيم جويو ۽ جناب غلام رباني ساڻس گڏ هئاسون. ٻن ڏينهن تائين اسين سيئي سَنَ ۾ جناب جي.ايم سيد جا مهمان ٿي رهياسون. اُتان رواني ٿيڻ کان هڪ رات اڳ سيد صاحب، سَنَ مان ڇهه اُٺ ۽ ڪي ماڻهو اڳواٽ راڻي ڪوٽ ڏانهن روانا ڪيا تہ جيئن صبح جو قلعي جي وڏي ۽ اوير واري دروازي (سن دروازي) وٽ اسان جو آڌر ڀاءُ ڪن. اسان سيئي هڪ وين ۾ روانا ٿياسون ۽ صبح جي ٽڏي وقت اسان وڏي قلعي جا ڪي حصا ۽ ان ۾ نهيل "ميري" ۽ "شيرڳڙهہ" جا ننڍا ڪوٽ پڻ ڏٺا. قلعي جا ٻيا ٽي دروازا اسين نہ ڏسي سگهياسون. انهيءَ قلعي جي باري ۾ ڪرنل رشيد کي آمريڪي يو - ايس - ايڊ جي هڪ علمدار وليم. ايبي کي ڳالهيون ٻڌايون هيون ۽ ڪيترا فوٽا پڻ ڏنا هئا. ڪجهہ عرصو اڳ هن پاڻ اهو قلعو ڏٺو هو ۽ هو ان جا فوٽو بہ ڪڍي ويو هو، پر ڪرنل رشيد جي مضمون ۾ ڏنل معلومات جو وڏو حصو ڪيس جناب جي. ايم. سيد کان مليو هو، جيڪو ڪيترن ئي سالن کان ان قلعي ۾ ويندو رهندو هو ۽ جنهن اتي پنهنجي مختصر رهائش جي لاءِ ميري ڪوٽ ۾ ٻن ٽن لانڍين جي مرامت پڻ ڪرائي هئي. ڪرنل رشيد پنهنجي مضمون ۾ قلعي ۽ ان جي دروازن جا جيڪي نالا ڏنا آهن، اهي بہ ڪيس جي. ايم سيد ٻڌايا هئا، جنهن جو خيال هو تہ اهو قلعو باختري (بيڪٽرين؟) يونانين، سٿين، پارٿين يا وري ساسانين جو ٺهرايل آهي. جناب جي، ايم سيد، سنڌ جي مختلف حڪمرانن جي حڪومت جا عرصا پڻ ٻڌايا، جنهن ۾ ٿوري ترميم ڪري، ڪرنل رشيد پنهنجي مضمون ۾ آندي آهي، جيڪا صحيح ڪانهي. انهيءَ مضمون ۾ جيڪي تصويرون ڏنل آهن، انهن مان گهٽيون ايبي جون ورتل هيون، ڇاڪاڻ تہ ڪرنل رشيد نہ ٻيا دروازا ڏٺا هئا ۽ نہ چوطرف ويو هو.

هن مضمون ۾ ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ ڪرنل رشيد پنهنجي مضمون ۾ جيڪي غلطيون ڪيون آهن، تن کي درست ڪيو وڃي ۽ ساڳئي وقت هن غير معمولي ۽ دنيا جي وڏي ۾ وڏي قلعي جي ٺاهڻ جي ضرورت ۽ ان جاءِ جو تاريخي ۽ سائنسي تجزيو ڪيو وڃي، جتي اهو ٺهيل آهي.

1. ڪيرٿر جبل جي چار هزار کان پنج هزار فوٽ اوچائي، ايٽڪن پنهنجي گزيٽيئر ۾ بيان ڪئي آهي، ان اوچائيءَ تي ڪرنل رشيد کي شڪ آهي. دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي اترئين پاسي ڏاڙهياري ۽ ڪتي جي قبر وٽ ڪيرٿر جبل جي اوچائي ست هزار کن فوٽ آهي. پر راڻي ڪوٽ جي ويجهو ان جي ٽڪرين جي اوچائي برابر ٻہ هزار فوٽ آهي.

2. جنهن هنڌ تي قلعو ٺهيل آهي، ان جو ڏس ڪرنل رشيد بلڪل صحيح ڏنو آهي. قلعي جو گهيرو جي. ايم. سيد جي چوڻ مطابق 18 ميل ۽ ڪرنل رشيد جي ڪٿ موجب 16 - 17 ميل. حقيقت ۾ 14 ۽ 15 ميلن جي وچ ۾ ٿيندو. هن بندي اِها ماپ هوائي جهاز مان نڪتل فوٽن مان ورتي آهي. اصل ۾ اڄ کان ڏيڍ سؤ ورهيہ



GHAZI SHAH
GORANDI
DHAL
NAI
BAMRI
SANN
SANN RIVER
MALIRI LANDI
SHERGARH FORT
MIRI FORT
BAMRI GATE
MOHAN GATE
SHAH PIR GATE
SANN GATE
POKRAN LANDI
ARCHAN
KOHIRAS BUTHI
KHAJUR
SHAHJO
THANO ARAB
GOTH ALLAHNO
AHMED SHAH
OTHMANJO BUTHI
BACHANI
DARWAT PASS
JHANGRI
THANO AHMAD KHAN
DAU
THANO BULA KHAN
SARI SING
35-O 9
35-O 13
35-O 10
35-O 14
35-O 11
35-O 15

اڳ اليگزينڊر برنس اها ڪٽ 15 ميل ٻڌائي هئي. اِها ساڳي ماپ اي. ڊبليو. هيوز پنهنجي سنڌ جي گزيٽر، سال 1876ع واري ڇاپي ۾ ڏني هئي، جنهن جي تصديق هوائي جهاز مان ورتل تصويرن مان ٿي وڃي ٿي.

3. ڪرنل رشيد جو اهو چوڻ ته اندر وڃڻ جو لنگهه، هڪ وڏو دروازو، مٿي ڪچڻ واري پل ۽ بند هو، درست آهي.

4. هن جو چوڻ غلط آهي ته ڪچڻ واري پل ۽ بند ماڻريءَ ۾ گهٽي پاڻي ڪٺي ڪرڻ جي لاءِ ٺاهيا ويا هئا ته جيئن سموري ماڻريءَ ۾ هڪ ڍنڍ ٺهي پوي. اتي زمين جي سطح اهڙي آهي، جو اها ڍنڍ وڏي دروازي وٽ قلعي جي ڀتين کي ٻوڙڻ ۽ نقصان پهچائڻ کان سواءِ ٻه - ٽي سؤ فوٽن جي لمبائيءَ کان مٿي وڌي نه سگهي ها. قلعي جي ڀتين جي اڏاوت پڻ اهڙي آهي، جو اُهي ايتري گهڻي پاڻيءَ جو داٻ ڪي سهي نه سگهنديون. تنهنڪري بند جو مقصد ان کان سواءِ ٻيو ڪو به نه هو ته قلعي ۾ رهندڙ ماڻهن جي استعمال لاءِ ٿورو پاڻي ڪٺو ڪري رکجي. اهو بند آبپاشيءَ جي لاءِ ٿي نه ٿو سگهي.

5. هن جو خيال آهي ته قلعي جي اندر واري ماڻري سرسبز ۽ آباد هئي ۽ اها حملي ڪندڙن لاءِ وڏي ڪشش واري هئي، تنهنڪري حاڪمن پاڻ کي بچائڻ خاطر اهڙي قسم جو بيمثال ۽ مضبوط قلعو اڏايو. اهو بيان صحيح نه آهي ڇاڪاڻ ته:

(الف) قلعي ۾ اندر ڪل ايراضي 8 ۽ 9 چورس ميلن کان وڌيڪ نٿي ٿي سگهي، يعني اٽڪل 6000 ايڪڙ زمين. انهيءَ مان پلي زمين ۽ پاڻيءَ جي مناسب هوندي به پوک لائق ايراضي 1500 ايڪڙن کان وڌيڪ ٿي نه سگهي ها. انهيءَ ايراضيءَ جي اُپت مان وڌ ۾ وڌ 6000 ماڻهن جي آباديءَ جي لاءِ ڪاڏ خوراڪ جو انتظام ٿي سگهيو ٿي. ان شرط سان ته انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ موجوده دور جيتري في ايڪڙ پيداوار ممڪن هجي ها. ان ڪري ايتري ٿوري زرعي آباديءَ جي بچاءَ لاءِ قلعي جو ٺاهڻ ناممڪن هو.

(ب) گذريل ٽن هزارن سالن جي عرصي ۾ سنڌ ۾ سالياني بارش جو انداز ساڳيو ئي رهيو آهي. راڻي ڪوٽ جي ايراضيءَ ۾ سالیانو سراسري ڇهه انچ مينهن پوي ٿو ۽ 11 سالن ۾ ٽي سال اهڙا اچن ٿا، جن ۾ يا ته مينهن وسي ئي ڪونه يا وري وسي ته بنهه ٿورو. ايتري ٿوري مينهن جي ڪري ماڻري اڃکله وانگر هميشه ڏڪار جو شڪار ٿيندي رهي هوندي. اڄ به قلعي ۾ ۽ ان جي چوڌاري خانه بدوش ماڻهو رهن ٿا.

(ج) ان ايراضيءَ جي هڪ خاص خوبي اها آهي ته اتي زير زمين پاڻيءَ (Ground water) جي وهڪري جو رخ اُتر کان ڏکڻ، قلعي جي الهندي يا موئن دروازي جي ويجهو لنگهي ٿو. ان پاڻي جو ٿورو حصو چشمي جي صورت ۾ ميري ڪوٽ جي ويجهو پڻ ڏسجي ٿو. جيتوڻيڪ اتي وڌ ۾ وڌ وهڪرو تمام ٿورو، يعني ڪيوسڪ جو هڪ پاڱي چار حصو يا تقريباً في منٽ ۾ 100 گيلن ڪن مس آهي. پر ميري ڪوٽ جي اندر 65 فوٽ گهرائيءَ تي زمين پوسل واري آهي، جيئن هن بندي جي 1965ع جي پيمائش مان ظاهر آهي. ان جي معنيٰ آهي ته پاڻي قلعي ۾ 75 فوٽن جي اونهائيءَ تي ملي سگهي ٿو.

موجوده سائنسي زماني ۾ اهو پاڻي ڪجهه وڌائي سگهجي ٿو، پر پراڻي زماني ۾ ماڻهن وٽ نه جديد دور جهڙي ڄاڻ هئي ۽ نه وري سندن اهڙيءَ ڪوشش جو ڪو اهڃاڻ مليو آهي. زير زمين پاڻيءَ جي تلاش، ماپ ۽ ان کي ٻاهر ڪڍي استعمال جي سائنس هن صديءَ جي شروعات ۾ وجود ۾ آئي.

(6) ڪرنل رشيد قلعي جي دروازن جا هيٺيان نالا صحيح ڄاڻايا آهن:

(الف) سن دروازو (اوپر ۾). (ب) آمري دروازو (اُتر ۾).

(ج) شاهه پير دروازو (ڏکڻ ۾). (د) موئن دروازو (اولهه ۾).

اهي نالا مسٽر جي.ايم. سيد ٻڌايا هئا، جي قديم نہ، پر هن زماني جا عوام ۾ مقبول نالا آهن ۽ علم لسانيات جي اثر هيٺ ڪن عالمن انهن نالن مان پراڻي تاريخ جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جا اجائي جستجو آهي. ڪرنل رشيد جو خيال آهي تہ جيئن تہ اُتر واري دروازي جو نالو آمري آهي، تنهنڪري قلعو ان وقت نهيو هوندو، جڏهن آمري اجا آباد هو. آمري تهذيب جو زمانو 3500 کان 2500 ق - م آهي. پر قلعو ايترو پراڻو ٿي نہ ٿو سگهي. اُن زماني ۾ راڻي ڪوٽ جهڙن قلعن ناهڻ جو تصور ئي ڪونہ هو. انهيءَ کان سواءِ اهو ڪيئن چئي سگهجي ٿو تہ 5500 سال پراڻي وسندي جيڪا موجوده صديءَ جي آمري ڳوٺ جي ويجهو دڙن جي هيٺ دفن آهي، ان کي آمري نالي سان سڏيو ويندو هو. آمري شهر شايد 15 صدي عيسويءَ کان وجود ۾ آيو. انهيءَ وسنديءَ کي آمريءَ جي ڳوٺ جا ماڻهو دڙو چوندا آهن. ان دڙي جو نالو آمري مجمدار رکيو ۽ اهڙي نالي سان انهي دڙي کي ڪڏهن بہ نہ چيو ويندو هو.

7. راڻي ڪوٽ جي ڏيکاريل وڏي قلعي اندر جيڪي بہ ننڍا ڪوٽ ڇاڻايل آهن، انهن جا نالا ميري ۽ شيرڳڙهہ صحيح ٻڌايا ويا آهن، جي پڻ مسٽر جي.ايم.سيد کان معلوم ٿيا. سروي آف انڊيا جي نقشن ۾ ميريءَ جي بدران آمري يا ايميري (Aemiri) لکيل آهي. پر اها پڪ سان سروين جي غلطي آهي، جيڪي گهڻو ڪري هتي جي نالن ۽ انهن جي اُچارن کان اڻواقف هئا. سيستان ۽ بلوچستان ۾ ميري هڪ عام لفظ آهي، جيڪو هڪ ننڍي قلعي جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ آءٌ بہ اهو لفظ استعمال ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. انهيءَ نالي جو سيستان سان ڪو نہ ڪو تعلق بہ ٿي سگهي ٿو، پر هن وقت تائين جيڪا معلومات هٿ آئي آهي، اُن مطابق آءٌ انهيءَ بيان تي گهڻو زور ڏيڻ مناسب نہ ٿو سمجهان، پر ائين چوڻ بہ غير واجب آهي تہ ميري نالو انهيءَ ڪري پيو تہ اهو قلعو ميرن نهرايو هو.

8. قلعي جي وڏي دروازي (سن دروازي) بابت ڪرنل رشيد جو ڏنل تفصيل جهڙوڪ بيضوي ٿنڀا، جن ۾ لوهي سيخن جي لاءِ سوراخ هئا، پاڻيءَ کي روڪڻ جي لاءِ لوهہ يا ڪاٺ جا 16 تختا، صحيح آهن. موجوده وڏي دروازي (سن دروازي) جي اڏاوت اصلوڪي ڪانهي. 160 ورهيہ اڳ ٽالپرن پڪ سان اهو دروازو نهرايو هوندو، جو بعد ۾ بارشن جي پاڻيءَ ۾ لڙهي ويو.

9. اها دعويٰ ڪرڻ تہ مينهن جي پاڻيءَ تي يا قلعي مان لنگهندڙ نئن جي سرشتي جي ڪري ماڙيءَ ۾ ساوڪ ٿيندي هئي، پڻ غلط آهي. راڻي ڪوٽ جي حدن اندر ساليانو بارش گهٽ ۾ گهٽ 6-7 انچ پوي ٿي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ساليانو سوڪڙ 90 کان 100 انچ آهي، يعني سال پر لاءِ آبادي ڪرڻ جي لاءِ زمين ۾ تقريباً 90 کان 100 انچ يا اٺ فوٽ پاڻي هئڻ لازمي آهي. 7 انچن پاڻيءَ مان ڪجهہ بہ آبادي ناممڪن آهي. راڻي ڪوٽ ايراضيءَ ۾ سراسري ماهاني بارش جي ڪَٽ هن ريت آهي:

| | |
|---|---|
| جنوري | 1ءُ. انچ |
| فيبروري | 3ءُ. انچ |
| مارچ | 2ءُ. انچ |
| اپريل | 2ءُ. انچ |
| مئي | 2ءُ. انچ |
| جون | 3ءُ. انچ |

| | |
|---|---|
| جولاءِ | .4 انچ |
| آگسٽ | .5 انچ |
| سيپٽمبر | .9 انچ |
| آڪٽوبر | .1 انچ |
| نومبر | .0 انچ |
| ڊسمبر | .1 انچ |
| ڪُل | 7.3 انچ |

برسات جي پاڻيءَ جي ايتري ٿوري مقدار تي تيستائين زرعي اُپت نہ ٿي سگهندي، جيستائين پاڻيءَ کي محفوظ ڪرڻ جا جديد طريقا اختيار نہ ڪيا وڃن. پراڻي وقت جي ماڻهن وٽ اهڙي قسم جي ڄاڻ بلڪل نہ هئي.

راڻي ڪوٽ نديءَ جي بارش واري پاڻيءَ جو ذخيرو (Catchment) الهندي دروازي جي ٻاهران تـوڙي قلعي اندر 48 چورس ميل ڪن ٿيندو. جيڪڏهن قبول ڪجي تہ 24 ڪلاڪن ۾ 6 انچن جي برسات پـوي ٿـيٰ ۽ ان جو 16%6 يا ڇهون حصو زمين تان وهي نالن ۾ اچي وهڪري جي صورت اختيار ڪري هڪ هنڌ ڪٺو ٿئي تہ پـوءِ بہ جيڪڏهن ان پاڻيءَ کي محفوظ ڪرڻ جي لاءِ بهتر کان بهتر اپاءَ ورتا وڃن. تڏهن بہ ان وهڪري مان ڪل پاڻي 72.3 يا 3000 ايڪڙ فوٽ (Acre-Feet) گڏ ٿي سگهندو. جيڪو تمام جديد حفاظتي تدبيرن هيٺ بـہ 2300 ايڪڙ جوئر جي پوک لاءِ مس پورو ٿيندو. هونءَ تہ سڄي سنڌ ۾ سوڪڙ آهي، پر اوسي پاسي آبپاشيءَ جي هيٺ آيل ايراضين جي ڀيٽ ۾ آگسٽ کان مارچ تائين راڻي ڪوٽ جي پهاڙي علائقي ۾ سوڪڙ زياده هوندي آهي. اپريل کان جولاءِ تائين تہ سوڪڙ گهٽي ۾ گهٽي هوندي آهي. تڏهن آرهڙ جي برساتن تي فصل راڻي ڪوٽ جي پهاڙن ۾ اپائڻ ذري گهٽ ناممڪن آهي.

راڻي ڪوٽ جي ايراضيءَ ۾ 5 انچن جي برسات پوڻ جو امڪان هن ريت ٿي سگهي ٿو:

| | |
|---|---|
| هڪ ڏينهن ۾ ڪل پنج انچ | هر ڏهن سالن مان هڪ سال ۾ |
| پنجن ڏينهن ۾ ڪل پنج انچ | هر پنجن سالن مان هڪ سال ۾ |
| ٽيهن ڏينهن ۾ ڪل پنج انچ | هر پنجن سالن مان ٻن سالن ۾ |

پر غيرمعمولي طرح تمام گهڻو مينهن يعني 14 انچ جولاءِ ۾ ۽ 21 انچ آگسٽ ۾ وسي سگهي ٿو. جيڪو وري 33 سالن ۾ فقط هڪ ڀيرو پوندو آهي. هن بندي اهي انگ اڪر ميٽرولاجيڪل کاتي جي گڏريل اسي سالن جي رڪارڊ مان تيار ڪيا آهن. ايترو تمام گهڻو مينهن جيڪڏهن ڪن ڪن سالن جي عرصي ۾ وسي، تہ بہ قلعي جي دروازن کي سخت نقصان پهچي ۽ اهي پاڻيءَ ۾ وهي وڃن. اهڙو خوفناڪ مينهن 1956ع ۾ دادو ضلعي جي گاج ماڙيءَ ۾ پيو هو، جنهنڪري ٽن تعلقن جوهي، دادو ۽ سيوهڻ ۾ ٻوڏ آئي هئي ۽ منڇر ڍنڍ اُٿلي پئي هئي. ايڏي وڏي پيماني تي نقصان ان کان اڳ انهن ئي تعلقن ۾ 1942ع ۽ 1948ع ۾ سنڌونديءَ ۾ ٻوڏ جي ڪري ٿيو هو. جيئن تہ ان پاڻيءَ جو سمورو وهڪرو راڻي ڪوٽ مان سنڌونديءَ ڏانهن 2 يا 3 ڪلاڪن ۾ وهي وڃي ٿو، تنهنڪري دروازن مان گهٽ ۾ گهٽ 25000 ڪيوسڪ پاڻيءَ کي لنگهڻو پوندو. اهو پاڻي روهڙي ڪئنال جي سکر براج مان نڪرندڙ پاڻيءَ کان ڏيڍوڻو ٿيندو.

آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ صديءَ ۾ راڻي ڪوٽ جا موئن ۽ سن دروازا هڪ ڀيرو پاڻيءَ ۾ وهي ويا هوندا. جيتوڻيڪ اهڙو امڪان هر هڪ صديءَ ۾ ٽي دفعا زياده لازم آهي، جنهنڪري اهڙيءَ صورت ۾ ڪڏهن ڪڏهن انهن جي دروازن جي مرمت ٿي هوندي.

راڻي ڪوٽ ايراضيءَ جي آبهوا جو ٻيو تفصيل هيٺيئن ريت آهي:

| مهينو | اوسط ماهانہ گرميءَ درجو سينٽي گريڊ | ماڪ جي لاءِ گهربل گرميءَ جو درجو سينٽي گريڊ | گهم |
|---|---|---|---|
| جنوري | 15 °C | 7 °C | 50% |
| فيبروري | 19٫9 °C | 7٫5 °C | 50% |
| مارچ | 25 °C | 11 °C | 40% |
| اپريل | 9٫5 °C | 18 °C | 30% |
| مئي | 34 °C | 19 °C | 40% |
| جون | 35 °C | 19.5 °C | 55% |
| جولاءِ | 34 °C | 24 °C | 60% |
| آگسٽ | 33 °C | 23 °C | 65% |
| سيپٽمبر | 31 °C | 26 °C | 60% |
| آڪٽوبر | 28 °C | 15٫5 °C | 55% |
| نومبر | 22 °C | 10.٫5 °C | 50% |
| ڊسمبر | 18 °C | 9 ٫3 °C | 60% |

مٿي ڏنل آبهوا جو تفصيل ان ايراضيءَ جي Isobars مان حاصل ڪيو ويو آهي. ان مان صاف ظاهر آهي تہ اها ايراضي نہ اڳ سرسبز هئي ۽ نہ وري ٻئي هنڌان پاڻي آڻڻ کان سواءِ اها سرسبز ٿي سگهي ٿي. ان لاءِ هلندڙ صديءَ جي شروعات تائين نہ تہ چاڙهيون هئي ۽ نہ ئي وسيلا ۽ ذريعا موجود هئا.

10. ڪرنل رشيد جو اهو خيال درست آهي تہ گول برجون يا منارا پوءِ جا ٺاهيل آهن. اهي پهرين مستطيل برج هئا، جن کي پوءِ توبخاني جي سهولت خاطر گولائيءَ ۾ بدلايو ويو هو. هو وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ اهي منارا سئنڊ سٽون (Sand Stone) نالي پٿر جا ٺهيل آهن ۽ نہ چن (Lime Stone) جي پٿر جا، جنهن جو باقي سڄو قلعو ٺهيل آهي. اصل برج (Basins) جيڪي مستطيل نما آهن، اجا تائين قلعي جي ديوارن سان گڏ موجود آهن. گول برج رڳو ڦاٽڪن (Gates) جي ويجهو ٺهيل آهن.

11. ڪرنل رشيد جو اهو بيان پڻ صحيح آهي تہ قلعي جي ديوار اصل ۾ تيرڪمان جي جنگ جي خيال کان ٺاهي وئي هئي. پر پوءِ ٻٽي ڪمان کي بهتر نموني سان هلائڻ جي لاءِ يا وري بارودي هٿيارن کي چڱيءَ طرح سان رکڻ جي لاءِ ان جون ڳڙکيون وڏيون ڪيون ويون هيون.

12. ڪرنل رشيد لکي ٿو تہ چين جي ديوار ۽ رني ڪوٽ جي ديوارن ۾ گهڻيون هڪجهڙايون آهن. تنهنڪري اهو لکڻ تہ اهو ممڪن نظر اچي ٿو تہ ٻنهين جي ٺاهيندڙن جا پاڙ ۾ لاڳاپا هئا. اهو اجايو ۽ جلدبازيءَ جو بيان آهي، ڇو جو اهڙي نتيجي تي پهچڻ جي لاءِ آثارِ قديمہ وٽان ثبوت جي ضرورت آهي ۽ انهيءَ قسم جي ادارن اهڙي ڪا بہ تفتيش نہ ڪئي آهي.

13. ميري ۽ شير ڳڙهہ جي ننڍن قلعن ۾ جيڪي لاڏيون ٺهيل آهن، اُهي پڪ سان 19 صديءَ جي شروعات ۾ ٽالپرن ٺهرايون هونديون ۽ گمان آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ 1870ع ۾ 1885ع جي وچ ۾ انگريزن انهن جي